SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X، 1970

سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مئنيجمينٽ اينڈ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1970

فهرست(Contents)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، وڌايل شروعات (Extend Commencement) ۽ نفاذ (Application)
2. گورننگ باڊي جو قيام (Establishment of Governing Body)
3. گورننگ باڊي جي جوڙجڪ (Constitution of Governing Body)
4. چيئرمين ۽ ارڪان (Members) جي برطرفي ۽ استعيفيٰ
5. اتفاقي آسامين جي پرتي (Filling of Casual Vacancies)
6. گورننگ باڊي جون گڏجاڻيون (Meetings of Governing Body)
7. گورننگ باڊي (Governing Body) جا اختيارات ۽ ذميواريون
8. پرنسپال جا اختيارات ۽ ذميواريون
9. بيان جمع ڪرائڻ (Submission of Statement)
10. ڪاليج جا مالي وسيلا (College Funds)
11. مالي فائدن جي حصول تي پابندي
12. جاچ ڪندڙ (Inspector)
13. عملي جي جماعت (Staff Council)
14. شاگردن استادن جي جماعت (Students Teachers Council)
15. گورننگ باڊي ٽوڙڻ ۽ ڪاليج کي تحويل ۾ وٺڻ
16. پرڏيهي شهريت رکندڙن جي مقرري
17. معاهدي ۽ رواج تحت محفوظ ٻڌايل حقن جو تحفظ
18. ضمانت (Indemnity)
19. ڇوٽ (Exemption)
20. قاعدا جوڙڻ جو اختيار (Power to make rules)
21. ضابطا جوڙڻ جو اختيار (Power to make regulations)
22. منسوخي (Repeal)

[26 هين نومبر، 1970]

هڪ آرڊيننس، سنڌ ۾ پرائيويٽ ڪاليجز جو نظام سنيالڻ ۽ انهن مٿان ضابطي جي فراهمي لاءِ

تمهيد

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ پرائيويٽ ڪاليجز جي علمي صلاحيت (Academic Efficiency) کي وڌائڻ، انهن جا انتظامي (Administration) معاملا سنوارڻ (Stream_line) ۽ اتي مقرر ڪيل استادن جي خدمتن (Service) اقاعدي ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي:

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙهو ۽ ان سلسلي ۾ ملیل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس لاڳو (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان، وڌايل وڌايل شروعات ۽ نفاذ (Short title, Extend Commencement and Application)

1. (1) هي آرڊيننس سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مئنيجمينٽ اينڈ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

(2) اهو سڄي صوبي سنڌ تائين وڌايو (Extend) ويندو.

(3) اهو فوري طور لاڳو (Come into force) ٿي ويندو، سواءِ دفعہ (Section) 20 جي، جيڪو پهرين ڊسمبر، 1971 تي ۽ کان لاڳو ٿي ويندو.

4) ويٽ ڪاليجز تي لاڳو هوندو.

2. هن آرڊيننس ۾، مضمون يا مفهوم سان جيستائين ڪا متضاد ڳالهہ نہ هجي تيستائين:

(a) "يونيورسٽي سان لاڳاپيل (Affiliated)" ۾ شامل آهي يونيورسٽي جا مراعات (Privileges)

(b) "بورڊ (Board)" فني (Technical) ڪاليج جي حوالي سان، مطلب تہ سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن، ۽ ٻئي ڪنهن ڪاليج جي حوالي سان، مطلب بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڈ ايجوڪيشن، دائره اختيارات (Territorial Jurisdiction) موجب جتي ڪاليج واقع (Located) هوندو.

(c) "چيئرمين" مطلب گورننگ باڊي (Governing Body) جو چيئرمين،

(d) "ڪاليج (College)" مطلب هڪ ڪاليج يا بورڊ طرفان تسليم شده (Recognized) ادارو (Institution) انٽرميڊيئيٽ سطح يا تي تعليم جي مقصد لاءِ يا اعليٰ تعليم جي مقصد لاءِ يونيورسٽي سان لاڳاپيل، ۽ فني (Technical) ڪاليج شامل هجي،

(e) "مجاز اختياري (Competent Authority)" مطلب،

(i) ٽيڪنيڪل ڪاليج جي صورت ۾ ٽيڪنيڪل بورڊ جو ڊائريڪٽر، ۽

(ii) ڪنهن ٻئي ڪاليج جي صورت ۾، علائقي جي تعليم جو ڊائريڪٽر (Director of Education of the Region)، جنهن ۾ ڪاليج واقع هجي،

(f) "گورننگ باڊي (Governing Body)" مطلب دفعہ (Section) 4 جي شقن تحت جوڙيل ڪاليج جي گورننگ باڊي،

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(h) "رڪن (Member)" مطلب گورننگ باڊي جو رڪن.

(i) "پرائيويٽ ڪاليج Private College" مطلب ڪو ڪاليج سواءِ ان ڪاليج جي جيڪو هلايو ويندو هجي.

(i) حڪومت.

(ii) هڪ لوڪل باڊي، هڪ ڪنٽونمينٽ بورڊ يا هڪ يونيورسٽي، يا

(iii) بورڊ آف گورنرس جنهن کي ويسٽ پاڪستان گورنمينٽ ايجوڪيشنل اينڊ ٽريننگ انسٽيٽيوشنز آرڊيننس، 1960 تحت يا صوبي ۾ مروجہ قانون تحت مقرر ٿيل هجي.

(j) "واضح ڪيل (Prescribed)" مطلب هن آرڊيننس جي قائدن يا ضابطن موجب واضح ڪيل.

(k) "پئرنٽ باڊي (Parent Body)" مطلب هڪ شخص جيڪو يا اهڙن اشخاص جي جماعت (Association)، جن ڪاليج جو بنياد رکيو (Founded) يا، قيام عمل ۾ آندو (Established) يا جيڪا هن آرڊيننس جاري ٿيڻ کان يڪدم اڳ ڪاليج کي هلائي (Maintaining) ۽ سنڀالي (Managing) رهي هئي.

(l) "پرنسپال (Principal) مطلب ڪاليج جو پرنسپال

(m) "رجسٽرڊ بينيفيڪٽر (Registered benefactor)" ج جي حوالي سان اهڙو شخص جيڪو هن آرڊيننس جي شروعات کانپوءِ ڪاليج کي ڏڌي رقم (Lump Sum) جيڪا 1.5 هزار ٽ نہ هجي، ۽ اهڙو شخص جنهن 14 آگسٽ 1947 ڪنهن بہ وقت ڪاليج کي اهڙي ڏڌي رقم عطئي طور ڏني هجي ۽ جنهن جو نالو پئرنٽ باڊي (Parent Body) طرفان جوڙيل رجسٽر ۾ عطيو ڏيندڙ (Donor) طور داخل ڪيل هجي.

(n) "استاد (Teacher)" مطلب هڪ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر، ريڊر، ليڪچرر يا ڪاليج جو ڪو بيو ملازم جيڪو اداري طرفان هدايتون ڏيندو هجي، ۽ ان ۾ اچي وڃي ٿو پرنسپال، ڊيمانسٽريٽر (Demonstrator)، جسماني تعليم (Physical Education) جو ڊائريڪٽر ۽ ڪاليج جو جسماني هدايتڪار (Physical Instructor)،

(o) "فني ڪاليج (Technical College)، مطلب ڪاليج، ادارو يا سنڌ ۾ ڪو بيو ادارو جيڪو فني تعليم يا ڪمرشل تعليم ڏيڻ لاءِ حڪومت يا ويسٽ پاڪستان بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ڪل يا ڪمرشل ايجوڪيشن کان تسليم شده (Recognized) هجي، ۽ پوليٽيڪنيڪ انسٽيٽيوٽ، ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ، ڪمرشل انسٽيٽيوٽ ۽ ڪو بيو اداروياڪاليج جيڪو ڊگري لوما سطح تي فني تربيت (Technical Training) ڏئي رهيو هجي، ان ۾ شامل ٿي وڃن ٿا.

3. ڪاليج جي بهتر سار سنڀال (Efficient Management) ابطي (Control) لاءِ، مجاز اختياري (Competent Authority) طرفان هڪ گورننگ باڊي جو قيام عمل ۾ آڻيندي.

4. (1) دفعہ (Section) 10 جي ذيلي دفعہ (Sub-Section) 3 ب، گورننگ باڊي مشتمل هوندي:

گورننگ باڊي جو قيام (Establishment of Governing Body)

گورننگ باڊي جي جوڙجڪ (Constitution of Governing Body)

(i) ڪاليج جو پرنسپال،

(ii) ٽي استاد جن کي ڪاليج جا استاد پاڻ منجهان چونڊيندا.

(iii) ر ارڪان (Members) جن کي پئرنٽ باڊي (Parent Body) ٽاڦيندي (Nominated)،

(iv) رڪان (Nominees) از اختياري (Competent Authority) طرفان ۽ ٽاڦيل

(v) هڪ ٽاڦيل رڪن (Nominee) يڪيٽ طرفان جيڪڏهن ڪاليج، يونيورسٽي سان جڙيل (Affiliated) آهي.

(vi) هڪ ٽاڦيل رڪن بورڊ جي طرفان جيڪڏهن ڪاليج انٽرميڊيئيٽ سطح تي تعليم جي مقصد ۽ بورڊ طرفان تسليم شده (Recognized) ڪاليج آهي.

(vii) رجسٽرڊ بينيفيڪٽرز طرفان ٽاڦيل رڪن.

(2) چيئرمين واضح ڪيل طريقي موجب انهن ارڪان (Members)، مان جيڪي ڪاليج جا ملازم نه هوندا، انهن منجهان چونڊيو ويندو.

(3) پرنسپال گورننگ باڊي جو ميمبر سيڪريٽري هوندو.

(4) چيئرمين ۽ ميمبرز سواءِ پرنسپال جي دفعہ (Section) 5 ن موجب ٽن سالن جي عرصي لاءِ آفيس رکندا، ۽ جهڙي به صورتحال هجي ٻيهر نامزدگي ۽ ٻيهر چونڊ لاءِ اهل هوندا.

5. (1) چيئرمين، گورننگ باڊي جي سيڪريٽري ڏانهن پنهنجي استعيفيٰ اماٿي پنهنجي آفيس تان | برطرفي ۽ استعيفي (Removal and resignation of Member and Chairman) | استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ هڪ ميمبر چيئرمين کي پنهنجي استعيفيٰ اماٿي پنهنجي آفيس تان تعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(2) هڪ مخصوص آفيس رکڻ جي مقصد سان مقرر ڪيل شخص تيستائين ميمبر رهندو جيستائين اهو اها آفيس رکندو.

6. چيئرمين يا ڪنهن رڪن جي آفيس ۾ سندس آفيس ۾ هجڻ جي دوران فوتگي، استعيفيٰ، معذوري | اتفاقي آسامين جي پرتي (Fulfilling casual vacancies) | يا ٻي ڪنهن صورت ۾ جيڪڏهن ڪا آسامي نڪري ٿي، تہ اها آسامي دفعہ (Section) 4 جي شقن موجب پري ويندي، ۽ اهڙي نموني انهيءَ آسامي لاءِ نامزد ڪيل يا چونڊيل چيئرمين يا رڪن آفيس ۾ رهيل مدي (Unexpired) تائين رهندو.

7. گورننگ باڊي جون گڏجاڻيون واضح ڪيل طريقيڪار موجب اهڙن وقتن ۽ هنڌن تي منعقد ڪيون ويندیون. | گڏجاڻيون (Meetings of Governing Body) | ننگ باڊي جون باڊي جون

8. (1) هن آرڊيننس جي شقن موجب، گورننگ باڊي ڪاليج جي معاملن جي عام نظرداري ڪندي ۽ انهن تي ضابطو رکندي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان بنا تعصب جي اها ڪم ڪندي:

(الف) ڪاليج جي ملڪيت تي ضابطو رکندي ۽ سنياليندي، بنا ڪنهن لحاظ جي تہ انهي ملڪيت ٽي پئرنٽ باڊي (Parent Body) مالڪ آهي.

(ب) ڪاليج جي موڙي (Funds)، مالي آمدني (Finances)، ملڪيت (Assets) ۽ سيڙيل رقم

(Investments) جو انتظام سنياليندي (Manage) ۽ هلائيندي (Regulate).

(ج) بجيٽ منظور ڪندي، ۽

(د) ڪاليج جا استاد ۽ ٻيا ملازم مقرر ڪندي ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي (Disciplinary Action) جو اختيار رکندي.

(2) گورننگ باڊي جي ذميواري هوندي تہ اها يقيني بڻائي تہ-

(الف) اهو تہ جن شرطن تحت ڪاليج، بورڊ طرفان تسليم ٿيل آهي يا يونيورسٽي سان جڙيل (Affiliated) آهي ۽ سمورا قاعدا ۽ حڪم جاري ڪيل بورڊ، يونيورسٽي يا ٻين مجاز تعليمي اختيارين پاران وقتن بوقتن شاگردن جي داخلا، اپياس نامو (Curriculum)، نصاب (Syllabus)، سيڪارڊ جو وسيلو (Medium of instructions)، امتحانن (Examinations) ۽ ٻين ساڻيئي قسم (Cognate) جي معاملن بابت جاري ڪيل سمورا حڪم، جيئن ڪاليج تي لاڳو ٿيل آهن، انهن تي عمل ڪيو ويو آهي،

(ب) اهو تہ هن آرڊيننس‌جون شقون ۽ ان تحت جوڙيل قاعدن تي سختيءَ سان عمل ٿي رهيو آهي،

(ج) اهو تہ ڪاليج جي ڪارڪردگي جي حوالي سان جيڪو سندن مفاد ۾ هجي، ان سلسلي ۾ ڪاليج جي شاگردن جي خيالن جي اظهار کي بہ جائز توجہ ڏنو ويجي ٿو.

(د) اهو تہ ڪاليج جو حساب ڪتاب (Accounts) مقرر ڪيل طريقي سان رکيو ويجي ٿو ۽ ان جي چڪاس (Audit) بہ مقرر ڪيل طريقي موجب ڪئي ويجي ٿي.

پرنسپال جا اختيارات ۽ ذميواريون (Powers and Duties of the Principal)

9. (1) هن آرڊيننس جي ضابطن موجب ۽ جوڙيل قاعدن تابع پرنسپال عام طور تي گورننگ باڊي جي نگراني (Supervision) ۽ ضابطي (Control) هيٺ هوندو ۽ مجاز (Competent) هوندو تہ ڪاليج جي سمورن اندروني انتظامي معاملن، داخلائن، درجاتي ترقين(Class Promotions)، استادن جي ٽائيم ٽيبل، نظم و ضبط قائم ڪرڻ، في ۾ رعايت ۽ اسڪالر شپ ڏيڻ بشمول خرچ ۽ بجيٽ ۾ ڏيڪاريل هجن عارضي ۽ مستقل مقرريون ڪرڻ جن جو مدو 3 مهينن کان وڌيڪ نہ هجي.

(2) پرنسپال مقرر ڪيل طريقي موجب هڪ ڪتاب (Register) رکرائيندو، جنهن ۾ ڪاليج جي سمورن رجسٽرڈ ٻلو ڪندڙن (Benefactors) جا نالا ۽ انهن مان هر هڪ طرفان عطيو ڪيل (Donated) رقم درج ٿيل هوندي.

بيان جمع ڪرائڻ (Submission of Statement)

10. (1) پئرنٽ باڊي (Parent Body) جاز اختياري (Competent Authority) کي هن آرڊيننس تحت تيار ڪيل هڪ اظهار (Statement) فارم (Form) تي جيڪو هن آرڊيننس سان منسلڪ ٿيل آهي، تي ٻن مهينن اندر جمع ڪرائيندي،

آرڊيننس جي شروعات، جيڪڏهن ڪاليج ان شروعات واري وقت وجود ۾ هيو

(ب) تاريخ جنهن تي ڪاليج بورڊ طرفان تسليم ڪيل آهي، يا يونيورسٹي سان جڙيو آهي، جيڪڏهن ڪاليج هن آرڊيننس جي شروعات کانپوءِ وجود ۾ آيو آهي.

(2 پئرنٽ باڊي (Parent Body) واضح ڪندي ان اظهار (Statement) ۾ ته ان ڪاليج جي سالياني خرچ ۾ پنهنجو ڪيترو حصو چندي طور ڏنو آهي.

(3) جيڪڏهن پئرنٽ باڊي (Parent Body) جو ڪاليج جي سالياني خرچ ۾ چندي جو حصو 25 سيڪڙو کان گهٽ هجي ته مجاز اختياري (Competent Authority) پئرنٽ باڊي (Parent Body) جي نامزد ڪيل ارڪان جو انگ گهٽائي سگهي ٿي. گورننگ باڊي تان جيڪو انگ هو مناسب سمجهي.

وضاحت۔۔۔ ذيلي دفعہ 3 (Sub_Section 3) جي مقصد لاءِ، پئرنٽ باڊي (Parent Body) پاران عطيي ۾ ڏنل رقم ڪاليج جي ملڪيت مان آمدني ۽ مجاز اختياري پاران ڪاليج جي استعمال هيٺ ۽ پئرنٽ باڊي (Parent Body) طرفان ورتل يا استعمال ۾ آندل ملڪيت جي ڪٽيل مسواڙ جو ملهه شامل سمجهيو ويندو.

11. ڪاليج ڪي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ جمع ڪيا ويندا- | ڪاليج فنڊ (College Fund)

(الف) فيس، عطيي، ٽرسٽ، اينڊومينٽ، امداد (Grant) ۽ رجسٽرڊ پلو ڪندڙ طرفان مليل پڌي رقم،

(ب) ڪاليج جي ملڪيت مان مليل عطيي جي رقم،

(ج) پئرنٽ باڊي (Parent Body) پاران ڏنل رقم،

(د) حڪومت طرفان امداد ۾ ڏنل گرانٽ يا عطيو ۽

(هـ) ٻين سمورن وسيلن کان حاصل ٿيندڙ آمدني.

12. گورننگ باڊي جو ڪو به رڪن (Member) ڪاليج مان مالي فائدا حاصل نه ڪندو، جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪا به شق ڪنهن شخص، جيڪو مقرري لاءِ گهربل اهليت رکندو هجي ۽ هن آرڊيننس جي قاعدن ۽ ضابطن تحت هڪ استاد واريون سهولتون ماڻيندو هجي ۽ ٻيا فائدا حاصل ڪندو هجي ان تي کا بندش (Debar) نه هوندي. | مالي فائدا وٺڻ تي پابندي (Bar to derive financial benefits)

13. (1) مجاز اختياري يا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ بااختيار اشخاص جي ذريعي وقت بوقت ڪاليج جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿي يا جاچ پڙتال ڪرائي سگهي ٿي. | جاچ پڙتال (Inspection)

(2) ڪنهن به ڪاليج جي جاچ پڙتال ڪرائڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ضروري سمجهي ته ڪاليج جي اختيارين کي چئي سگهي ٿي ته مخصوص عرصي دوران ڪاليج جي معاملن کي ڏسڻ ضروري ن جو هن آرڊيننس ۾ قاعدن ۽ ضابطن ۾ وضاحت ڏنل آهي.

14. ڪاليج ۾ هڪ استاد ڪائونسل هوندي، جيڪا مشتمل هوندي پرنسپال بطور چيئرمين ۽ چئن ٻين تمام پراڻن استادن (Senior_most) بطور ميمبرن جي، جيڪا ڪاليج جي روز مرهه جي معاملن يا دفعہ 9 ۾ جاڻايل ٻين معاملن تي صلاح مشورو ڏيندي. | استاد ڪائونسل (Staff Council)

15. (1) ڪاليج ۾ هڪ شاگردن_استادن جي ڪائونسل هوندي، جيڪا مشتمل هوندي، | شاگردن استادن جي جماعت Students Teachers Council

(i) پرنسپال

(ii) ڪاليج جي اساتذه پاران، پاڻ منجهان واضح ڪيل طريقي تحت ٻه استاد چونڊيا ويندا، سواءِ انهن ڪي گورننگ باڊي لاءِ چونڊيا ويا هجن، ۽

(iii) شاگرد يونين جو صدر ۽ سيڪريٽري.

(2) ڪائونسل، شاگردن جي پلائي وارن معاملن تي غور ڪندي ۽ ان سلسلي ۾ گورننگ باڊي کي سفارشون موڪليندي.

گورننگ باڊي توڙڻ ۽ ڪاليج کي تحويل ۾ ونڊ ونڊ (Dissolution of Governing Body and taking over of College)

16. جيڪڏهن ڪاليج صلاحيت ۽ نظم و ضبط قائم رکڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هن آرڊيننس جي شقن ۽ قاعدن ۽ ضابطن جي گهرجن تحت مطمئن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا قدم کڻڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو جيڪو دفعه 13 تحت مجاز اختياري ڪڻ لاءِ چيو هجي، يا ڪو اهڙو قدم کڻي ٿو جيڪو تعليم جي مفادن جي خلاف هجي، تہ پوءِ حڪومت، پيرنٽ باڊي (Parent Body) توڙي گورننگ باڊي (Governing Body) کي انهن خلاف قدم کڻڻ کان اڳ سبب ڄاڻائڻ جو موقعو ڏئي سگهي ٿي.

(الف) گورننگ باڊي توڙڻ ۽ بورڊ آف گورنرز (Board of Governors) ي مقرري ڪرڻ جيڪو نون ارڪان کان وڌيڪ ميمبران تي مشتمل نہ هوندو، هو اهي ڪم ۽ ذميواريون نپائيندو جيڪي هن آرڊيننس تحت گورننگ باڊي کي نپائڻيون هيون،

(ب) ڪاليج کي تحويل ۾ ونڊڻ، يا

(ج) اهڙو ٻيو ڪو قدم کڻڻ جيڪو ضروري سمجهيو وڃي.

پرڏيهي شهرين جي مقرري (Appointment of foreign nationals)

17. هن آرڊيننس جي قاعدن جي باوجود دفعات 4، 8، 9 ۽ 18 جي حڪومت جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ ڪو به پرڏيهي شهري نہ ئي استاد، نہ ئي انتظامي عملي طور مقرر ٿي سگهي ٿو يا گورننگ باڊي چونڊجي يا نامزد ٿي سگهي ٿو.

معاهدي، عام رواج طور ۽ محفوظ بڻايل حقن جو تحفظ (Protection of rights secured by agreement, custom usage.)

18. (1) هن آرڊيننس جون شقون اثرانداز هوندیون باوجود ان قانون جي جيڪو ڪنهن متضاد صورت ۾ مروجہ عرصي ۾ موجود هجي يا معاهدي (Contract) واد، آرٽيڪلز آف ايسوسيئيشن (Articles of association)، دستاويز (Deed) يا ڪنهن بي لکت (Document) ۾.

(2) سواءِ جيئن دفع 17 ۾ فراهم ڪيل آهي، هن آرڊيننس ۾ ڪٿي ب ڪنهن ب معاهدي، رواج يا استعمال تي اثرانداز نہ ٿيندو، هن آرڊيننس جي عملدرآمدي کان يڪدم اڳ، اهڙي معاهدي، رواج يا استعمال جي صورت ۾ خاطري ڪرا ي استادن لاءِ ملازمت جون حالتون هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل حالتن کان بهتر آهن.

ضمانت (Indemnity)

19. هن آرڊيننس تحت حڪومت، مجاز اختياري يا ڪنهن ٻئي شخص خلاف ڪو ڪيس يا ڪا قانوني ڪارروائي نہ ڪري سگهندي، ن ڪو به عمل نيڪ نيتي سان ڪيل آهي.

چوٽ (Exemption)

20. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ان مقصد لاءِ جوڙيل عدالت جي سفارش تي، ڪنهن ڪاليج کي هن آرڊيننس جي سمورين يا ڪجهہ شقن جي اثرانداز ٿيڻ کان چوٽ ڏئي سگهي ٿي، جنهن جو عرصو هڪ ئي وقت 3 سالن کان گهٽ ۽ 5 سالن کان وڌيڪ نہ هوندو.

(2) خاص عدالت (Tribunal) جي جوڙجڪ (Constitution)، مدو (Term) ۽ طريقيڪار (Procedure) هوندو جيئن ذيلي دفعہ (Sub Section) (1) ۾ واضح ڪيل آهي.

ڪاعدا جوڙڻ جو اختيار (Power to make Rules)

21. (1) رڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن آرڊيننس جا مقاصد ماڻڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڏيڪاريل اختيارن سان تڪرار کانسواءِ قاعدا فراهم ڪرڻ-

(a) صديق، ترقي ۽ استاد جي سروس جو تحفظ (Security)،

(b) استادن کي گهٽ ۾ گهٽ اجرت، جيڪا کين ڏئي سگهجي.

(c) لاءِ ڪنٽريبيوٽري پرووِيڈنٽ فنڈ جا مراعات

(d) ڪاليج جي اڪائونٽس جو حساب ڪتاب ۽ انهن جي چڪاس (Audit)،

(e) ين جي چوندڙ ۽ برطرفي، ۽

(f) ڪو ٻيو معاملو جيڪو هن آرڊيننس جي شقن موجب قاعدن ۾ ڄاڻائڻ ضروري هجي.

ضابطن جوڙڻ جو اختيار (Power to make regulations)

22. (1) گورننگ باڊي هن آرڊيننس جي مقاصد کي اڳتي کڻي وڃڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي آرڊيننس جي شقن ۽ قاعدن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن.

(2) خاص طور تي ۽ مليل اختيارن سان بنا تعصب جي، اهڙا ضابطا فراهم ڪيا ويندا جيئن-

(a) گورننگ باڊي جي گڏجاڻين ۾ طريقيڪار جي پيروي ڪرڻ ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ گهربل ڪورم (Quorum) پورو هجڻ،

(b) تحت عام يا خاص گڏجاڻي ڪوڻائي وڃي،

(c) وقت ۽ هنڌ جتي گورننگ باڊي جون گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويندیون،

(d) طريقو جنهن موجب ڪارروائي جا (Minutes) اردِ ڪيا ويندا ۽ پوءِ توثيق (Confirm) ڪري (Circulate) ڪيا ويندا.

(e) قاعدن جي تابع، پگهارون، الائونسز، موڪلون ۽ ٻيا فائدا جيڪي استادن کي ڏيڻا هوندا (Admissible)،

(f) شاگردن کي سهوليات جي فراهمي، فيس طئي ڪرڻ ۽ ٻئي رقم جيڪا شاگردن کان وصول ڪرڻي هجي،

(g) شاگردن کي في ۾ رعايتن ۽ وظيفو (Scholarships) جي منظوري،

(h) شاگرد استاد (Students Teachers) ئونسل جو قيام ۽ عمل،

(i) هن آرڊيننس جي ڪنهن شق تحت گهربل ڪو ٻيو معاملو جيڪو ضابطن تحت تجويز ڪرڻ گهرجي.

منسوخي (Repeal)

23. ويسٽ پاڪستان پرائيويٽ ڪاليجز (مئنيجمينٽ اينڈ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1970 (ويسٹ پاڪستان آرڊيننس XX آف 1970 منسوخ ڪيو ويو آهي.

فارم (Form)

ڪاليج جي پئرنٽ باڊي (Parent Body) طرفان پيش ڪرڻ

(ڏسو دفعہ 10)

1. عام (General)

1. اداري جو نالو
2. اداري جو هنڌ ۾ پتو
3. اداري جو قيام:-

(الف) شروع ڪرڻ جي تاريخ.

(ب) ميٽرڪيوليشن ۾ انٽرميڊيئيٽ جي صورت ۾ لاڳاپيل انٽرميڊيئيٽ اينڈ سيڪنڈري ليج هئڊ جي صورت ۾ سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن، ڪان تسليم شده (Recognition) جي تاريخ.

(ج) ڊگري ڪلاسز لاءِ يونيورسٽي سان جڙڻ جي تاريخ.

(د) پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسز لاءِ جڙڻ جي تاريخ ۽ يا ٻيا مضمون جن لاءِ جڙڻ جي منظوري ڏني وئي.

4. پڑهائڻ جو وسيلو عمل هيٺ

. انتظاميہ (Management)

1. ڇا مئنيجنگ باڊي (پئرينٽ باڊي) سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽرار، جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز وٽ رجسٽرڊ آهي؟
2. چيف اٿارٽي/ايجنسي جنهن جي ضابطي هيٺ اداروڪم ڪري رهيو آهي.
3. گڏ لڳايو (Attach):-

(الف) مئنيجنگ باڊي جي ميمبرز جي فهرست ساڻ سندن ايڊريس.

(ب) آئين (Constitution/Constitutions) جي هڪ ڪاپي.

عملو (Staff)

1. ٽيچنگ اسٽاف جي هر هڪ ميمبر جي تعليمي لياقت (Qualification)، پڑهائڻ جو تجربي (Teaching Experience)، فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن، پگهار ۽ اسڪيل سان لاڳاپيل مڪمل تفصيل (Particulars) ڏيڪارينڊڙ بيان (Statement) شامل ڪريو.
2. ڇا استادن کي ملازمت لکت ۾ معاهدي تحت ڏني وئي آهي؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ معاهدي جي نقل (Copy of Agreement) شامل ڪريو.
3. ڇا اداري استادن لاءِ پرووِيڊنٽ فنڊ يا پينشن (يا ٻنهي) لاءِ قانون سازي ڪئي آهي؟
4. پرووِيڊنٽ فنڊ لاءِ ڪاتي جو ڪيترو سيڪڙو حصو عطيو ڏنل آهي؟

اداري جي خدمت جي قاعدن (Service Rules) جي ڪاپي گڏ لڳايو.

IV. مالیات (Finances)

آمدني ۽ خرچ جا تفصيل سال جون 1970 تائين

ڪمائي (Income)	رقم	خرچ (Expenditure)	رقم
1. حڪومت طرفان امداد		1. انتظامي	
2. ڊولپمينٽ گرانٽ (مقصد سمد بيان ڪريو)		2. پڙهائڻ وارو عملو	
(الف) حڪومت طرفان		3. ڪلارڪن وارو عملو	
(ب) ايويڪيوئي ٽرسٽ بورڊ (Evacuee Trust Board) طرفان		4. هيٺين درجي وارو عملو	
		5. اسڪول جي عمارت جو ڪرايو (Rent)	
(ج) ڪنهن ٻئي ذريعي ريعي طرفان		6. بجلي ۽ پاڻي جون واجبات (Charges)	
3. سبسڪرپشن/ ڪنٽربيوشن/ انڊومينٽ ذريعي ٿوٽل ڪمائي.		7. مختلف (واضح ڪريو)	
4. ٽيوشن في ذريعي.		(a) عمارتن جي مرمت	
5. مختلف فنڊز ذريعي		(b) ٽيليفون.	
6. ٽرنٽ بادي طرفان عطيو/حصو.		(c) فرنيچر.	
7. ٻئي ڪنهن ذريعي طرفان (واضح ڪريو).		(d) لائبريري.	
		(e) وظيفا (Scholarships).	
		(f) راندين (Sports)	
		(g) خرچ جي ڪا ٻي شئي (Item)	
ٿوٽل رسيدون (Total Receipts)		ٿوٽل خرچ (Total Expenditure)	
---		---	
---		---	

اثاثا ۽ واجبات (Assets and Liabilities)

اثاثا (Assets)	رقم	واجبات (Liabilities)	رقم
1. غير متحرڪ ملڪيت جا جا تفصيل		1. قرض جيڪڏهن ڪو هجي.	
2. ٽرسٽس ۽ انڊومينٽس		2. بئنڪ تي اوور ڊرافٽ (Over Draft)	

3. بئنڪ ۾ موجود رقم
4. مئنيجر يا خزانچي خزانچي جيڪڏهن پاڙي تي ورتي وئي (Treasurer) وٽ موجود رقم هجي.

ٽوٽل

3. ٻت جو ڪرايو
4. ڪا بي واجبات (واضح ڪريو)

ٽوٽل

V

1. عمارتن جو نقشو شامل ڪريو.
2. هنجون ذاتي عمارتون آهن؟ جيڪڏن ها، ٽرانسفر ڊيڊ (Transfer Deed) گڏ لڳايو.
3. ڇا عمارتون ڀگهي ليز (Lease) ي ورتل آهن؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ ليز ڊيڊ (Lease Deed) جي ڪاپي گڏ لڳائڻ گهرجي.
4. هيٺ ڏنل تفصيلات جي فهرست- - -

(a) ڪلاس رومز هر هڪ روم جي ماپ سميت.

(b) ليبارٽريز

(c) لائبريري

VI هاسٽل (جيڪڏهن آهي) Hostel (If Maintained)

1 وڌ ۾ وڌ رهندڙن (Boarders) ۽ انگ، جن کي سهولتون (Accommodated) ڏئي سگهبيون.
2. طبي امداد (Medical aid) جو بندوبست
3. سپرنٽينڈنٽ/وارڊن جو معيار (Status).
4. ڇا سپرنٽينڈنٽ/وارڊن هاسٽل ۾ يا هاسٽل جي پرسان رهي ٿو؟
5. هاسٽل جي صفائي ستڪرائي ۽ صحت جي اصول بابت نظام

VII. راند جا ميدان (Play Grounds)

ڇا راند جا ميدان اداري سان گڏيل آهن؟ مهربان مختلف راند جي ميدانن جي ايراضي واضح ڪريو

VIII. فرنيچر (Furniture)

شاگردن جي استعمال هيٺ فرنيچر جي مک شين (Items) جي فهرست گڏ لڳايو.

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.